بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

وَاتَّخِذُوۡا مِنۡ مَّقَامِ اِبۡرٰهٖمَ مُصَلًّى

(۽ ابراهيم جي بيهڻ جي جاءِ کي جاءِ نماز بنايو) (البقره ١٢٥)

# نسبتن جون بهارون


پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد
ايم اي، پي - ايڇ - ڊي


مترجم: پروفيسر قدوس احمد جان سرهندي


شرڪتِ اسلاميه
مُسلم منزل - حميد پوره ڪالوني نمبر1 ميرپورخاص (سنڌ)
اسلامي جمهوريه پاڪستان

نالو ڪتاب: نسبتن جون بهارون
مؤلف: پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد
مترجم: پروفيسر قدوس احمد جان سرهندي
شعبه تاريخ اسلام گورنمنٽ ماڊل ڪاليج ميرپور خاص
ڪمپوزنگ: خليل احمد پنهور حيدرآباد
باهتمام: قدرت الله بيگ
اشاعت: ١٤١٧ھ/١٩٩٦ع
قيمت: دعاءِ خير

ملڻ جا هنڌ

١- مڪتبه مجدديه "حَسَنَتْ مُرْتَفَقًا" سرهندي بنگلو رنگ روڊ ميرپور خاص
٢- اڪرم ايجنسيز لالچند گارڊن ميرپورخاص
٣- مڪتبه وارثيه - بلال هائوس - آدم ٽاؤن ميرپور خاص
٤- مڪتبه حزب الاحناف - جامع مسجد پوليس لائن سانگهڙ

# عرض مترجم

زندگي ۾ ڪئين ڪتاب پڙهيم ۽ ڏٺم پر حضرت مولانا پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد صاحب جي ڪتاب "نسبتون ڪي بهارين" ايترو تہ متاثر ڪيو جو نہ صرف بار بار پڙهيم پر فوراً ترجمي ڪرڻ جو بہ سوچيم تہ ڊاڪٽر صاحب بہ ساڳي رائي ڏيڪاري. منهنجي خيال ۾ تہ طبع زاد کو ڪتاب لکڻ سولو ۽ ترجمون انتهائي مشڪل آهي ترجمون اوهان جي آڏو آهي مون ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪتاب جي اصل متن ۽ روح کي جيئن جو تيئن رکيو وڃي.

آءُ پنهنجي مربي ۽ مشفق پير و مرشد خواجه حضرت الحاج پير محمد ابراهيم جان سرهندي مدظلہ عاليہ جو انتهائي مشڪور و ممنون آهيان. مرشد ڪريمن جي دعائن جي طفيل ئي ان قابل ٿيس تہ ترجمون پورو ڪيم پاڻ نہ صرف ڪتاب جو مهاڳ لکيائون پر قرب خاص ڪري سڄي ترجمہ جو نہ صرف مطالعہ ڪرڻ فرمايائون پر ڪن غلطين جي اصلاح بہ ڪرڻ فرمايائون ۽ حوصلہ افزائي فرمائي دعا بہ ڪرڻ فرمايائون.

ان ڪان سواءِ برادرم پروفيسر نثار احمد جان سرهندي، برادرم مرزا اعظم بيگ پروفيسر فياض احمد خان ڪاوش ۽ قدرة الله بيگ صاحب جو بہ ممنون و مشڪور آهيان جن هر مرحلہ تي حوصلہ افزائي فرمائي.

بين جنبي فقال له عليه الصلواة والسلام لا تكون مومنًا حتيٰ اكون احب اليک من نفسک فقال عمر والذي انزل عليک الکتٰب لانت احب اليٰ من نفسي التي بين جنبي فقال رسول الله صلي الله عليه وسلم الاٰن يا عمر تم ايمانک (ترجمو) ۽ حضرت عمر جي هڪ حديث ۾ ائين به آهي ته حضرت عمر رضي الله عنه عرض ڪيو، يا رسول الله! توهان مون کي منهنجي جان کان علاوه، باقي ٻين سڀني شين کان وڌيڪ محبوب آهيو. پاڻ ڪريمن عليه الصلواة والسلام فرمايو تيستين ڪوبه ماڻهو مؤمن ناهي جيستين آئون (رسول عربي) ان کي سندس جان کان وڌيڪ محبوب ناهيان. پوءِ امير عمر عرض ڪيو مون کي قسم آهي ان رب العالمين جو جنهن توهان تي قرآن ڪريم نازل ڪيو آهي ته هينئر توهان مون کي پنهنجي جان کان به وڌيڪ محبوب آهيو. رسول عربي صلي الله عليه وسلم ارشاد فرمايو، اي عمر هينئر تنهنجو ايمان مڪمل ٿيو (حديث شريف ختم ٿي) مطلب ته حقوق الله ۽ حقوق العباد ادا ڪرڻ سان نه بلڪ ايمان مڪمل تڏهن ٿيندو جڏهن رسول صلي الله عليه وسلم جن سان پنهنجي جال مال ۽ هر شيءِ کان زياده محبت هجي.

منهنجي دعا آهي ته ڪتاب جو مؤلف ڪتاب جي مترجم ۽ سڀني مسلمانن جي الله جي رسول سان اها محبت جي نسبت قائم ۽ دائم رهي - آمين ثم آمين بجاه سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم.

راقم الحروف:

عبدهٗ عبدالوحيد سرهندي عفي عنه

از: ٽنڊه سائينداد

٢٩ - ١٢ - ٩٥

زمانن سان نسبت، قديم ملڪن سان نسبت، قديم بادشاهن سان نسبت، قديم تهذيبن سان نسبت، قديم شخصيتن سان نسبت، اهي نسبتون نہ هجن ها تہ انهن ناياب شين جي ڪابہ قيمت نہ هجي ها.

پراڻن آثارن تي نظر وجهبي تہ ويرانن جي تلاش ۾ عقلمند ڊوڙندا نظر ايندا، سڄو عالم انهن جي حفاظت پيو ڪندو، اڪيون ان ويران جاءِ ڏانهن ڇو کڻي ويون؟ نسبت ئي آهي جنهن سڄي دنيا کي ان ويراني جو عاشق بنائي رکيو آهي. هرڪا قوم دل ۽ جان سان پنهنجي آثارن جي حفاظت ڪري ٿي. اها ڪنهن بہ قيمت تي پنهنجي آثارن تان دستبردار نہ ٿي ٿي سگهي. اها فرد جي دل ۾ پنهنجن بزرگن جي عظمت ۽ پنهنجن آثارن جي عظمت جو نقش ويهاريندي آهي. ڪابہ قوم اهڙي نہ ڏٺي سين جيڪا پنهنجن بزرگن کي ذليل ۽ بي عزت ڪري ۽ پنهنجين نشانين کي ختم ڪري يا پيرن ۾ لتاڙي. غالبًا انهيءَ جذبي تحت سعودي عرب جي حڪومت سن١٣٩٦هہ/ سن١٩٧٦ع ۾ هڪ شاهي فرمان (نمبر٤٦) جي تحت ادارة الآثار قائم ڪيو ۽ ٢١ صفر سن١٣٩٨هہ/ ١٩٧٧ع ۾ ڪابينہ جي ميٽنگ جي قرارداد نمبر ٢٣٥ جي مطابق هڪ اعليٰ سطح جي ڪميٽي جوڙي وئي.٭اهو قدم ساراهہ جوڳو آهي. غالبًا انهيءَ قانون جي تحت يهودين جي پراڻن آثارن ۽ العلاءَ ۾ قوم ثمود جي آثارن کي محفوظ ڪيو ويو آهي. جن تي خدا جو قهر نازل هجي، انهن کان وڌيڪ محبوبن جا آثار حفاظت جا مستحق آهن، حرمين شريفين جو عالم اهو آهي تہ:

چپے چپے پہ ہیں یاں گوہرِ یکتا تہ خاک

اميد ڪئي ٿي وڃي تہ جيڪي باقي بچيل نشانيون رهيل آهن انهن کي محفوظ ڪيو ويندو ۽ جيڪي مٽائي ڇڏيون ويون آهن انهن کي تلاش ڪري زنده ڪيو ويندو. اقبال سچ چيو هو تہ:

ضبط کن تاريخ را پاينده شو ⁂ از نفس هائے رميدهٔ زندهٔ شو

ويو هجي ته اتان بدي دور ڪئي وڃي پر خير کي نه مٽايو وڃي ۽ جنهن شي جو بنياد آهي ئي شر تي ۽ ظاهرًا اهو خير جي ڪمن جو مرڪز هجي انهي کي ڍاهي برابر ڪيو وڃي. قرآن پاڪ ۾ غيرالله جي عبادت جو انڪار فرمايل آهي[١٤] پر هر نسبت جي نفي نه ڪيل آهي، نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي اطاعت جو حڪم ڏنو ويو.[١٥] پيو ته نهيو پر آدم عليه السلام جي اڳيان فرشتن کي جهڪڻ جو حڪم ڏنو ويو.[١٦] پٽ کي پيءُ اڳيان جهڪڻ جو حڪم ڏنو ويو.[١٧] محڪوم کي حاڪم جي اطاعت جو حڪم ڏنو ويو.[١٨] اهو ڪو ڪفر ۽ شرڪ ڪونهي ڇوته جنهن نسبت سان جهڪايو ويو يا مطيع ڪيو ويو اها بانهي ۽ خالق جي نسبت ڪانهي. انهي ڳالهه کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي.

رب پاڪ قرآن پاڪ ۾ فرمايو: يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ( سورة فجر: ٢٧ ـ ٣٠) اي اطمينان واري جان! تون پنهنجي رب ڏانهن واپس ٿي. ائين ته هو تو کان راضي ٿئي ۽ تون هن کان راضي پوءِ منجهن خاص بندن ۾ داخل ٿيءُ ۽ جنت ۾ اچ. الله تعاليٰ انهيءَ جان کي مخاطب ٿي فرمايو جيڪا خوشي، غمي، ڏک سک انعام ۽ ايلام جي عارضي ڪيفيتن مان گذري مستقل ۽ دائمي سڪون ۽ اطمينان جي بلندين تائين پهچي چڪي آهي، پوءِ انهيءَ جان کي فرمايائين ته پنهنجي رب جي طرف واپس اچ، تون هن کان راضي ۽ هو توکان راضي. منهنجن بانهن ۾ شامل ٿي وڃ، منهنجي جنت ۾ داخل ٿي وڃ. سيني کي انهيءَ ڏانهن واپس موٽڻو آهي ۽ سڀ انهيءَ جا بندا آهن ۽ سڀ انهيءَ جون جنتون آهن، پر جنهن کي اهو ڪريم پاڻ وٽ سڏائي، جنهن کي اهو رحيم پنهنجو ٺاهي انهيءَ جي ڳالهه ئي ٻي آهي. جنهن کي هو پنهنجي جنت ۾ داخل ڪري، انهيءَ جنت جو ٻيو ئي عالم آهي، سڀ بهارون نسبت جون ئي آهن. قرآن پاڪ جڏهن اسين کوليون ٿا ۽ سورة فاتحه پڙهون ٿا ته نسبت جا راز کلندا ويندا آهن، رب سائين پنهنجن پيارن جي قدمن جي نقش کي ئي سڌو رستو قرار ڏنو آهي ۽ اسان کي انهي رستي جي دڳ لڳائي

اسان کي انهن جي دامن سان وابستہ ڪري ڇڏيو.

رب پاڪ اسان کي وري وري نسبتن ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، رمضان شريف جي هڪ امتيازي حيثيت اها ٻڌائي وئي تہ انهي ۾ قرآن پاڪ نازل ٿيو.[١٩] انهيءَ کي قرآن جي نازل ٿيڻ سان نسبت آهي، انهيءَ نسبت جي ڪري حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم رمضان شريف کي شاد ۽ آباد ڪيو.[٢٠] ۽ اهو ٻڌايو تہ جنهن مهيني ۾ ڪا خاص نعمت نازل ٿي هجي ان ۾ ان جو ذڪر ڪرڻ گهرجي. قرآن شريف کي اهو امتياز حاصل آهي تہ اهو شب قدر ۾ نازل ڪيو ويو.[٢١] يعني قرآن شريف کي شب قدر ڏانهن خاص نسبت آهي. صراط مستقيم جي نشاني اها ٻڌائي وئي تہ انهي کي الله جي محبوب ٻانهن جي مبارڪ قدمن سان نسبت آهي.[٢٢] چاه زمزم کي حضرت اسماعيل سان نسبت آهي، انهيءَ نسبت هن کي ايترو محترم ٺاهي ڇڏيو آهي جو هر ڪو طواف ڪرڻ وارو پنهنجي اڄ انهيءَ مان پيو وسائي. هر ڪو پيو پاڻي ڪڍي، هڪ دنيا پئي پنهنجي اڄ وسائي، صديون گذري ويون. عمرون گذري ويون. زمزم جي تلاش ۾ سيني کي انهيءَ نسبت جي تلاش آهي نہ تہ پاڻي تہ هر جاءِ تي ملي ٿو وچي پر پاڻي پاڻي برابر ڪونهي. نسبتن سان هيٺ ڪريل مٽي ٽا ٿين. ازواج مطهرات بہ ظاهرا عورتون ئي هيون پر پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي نسبت انهن کي ڇا مان ڇا ٺاهي ڇڏيو. قرآن شريف انهيءَ نسبت جي راز تان پردو کڻندي فرمايو: اي نبيءَ جون بيبيون! اوهان مان ڪا بہ ٻين (عام) زالن وانگر نہ آهي.[٢٣] مجاهدين سان نسبت جي ڪري ئي انهن جي زالن جي احترام جي هدايت ڪئي وئي (ابوداؤد جلد ٢ صفحہ ٢٧٤) پاڻ سڳورن انهن طرفن جي بہ ادب سيکاريو جيڪي محترم ۽ معزز شين ڏانهن هجن. انهي ڪري بيت الله شريف جي طرف ڏانهن ٿڪ اڇلائڻ جي منع فرمائي اٿن.[٢٤] هڪ صحابي بيت الله جي ڏس جي طرف ٿڪ اڇلائي تہ پاڻ ڪريمن حڪم ڏنو تہ آئنده هن کي ڪڏهن بہ امام نہ ٺاهيو وڃي[٢٥] ۽ هو ڪڏهن بہ امامت ڪري نہ سگهيو. اوهان ڏنو تہ پاڻ سڳورن ﷺ بيت الله شريف جي

تبوڪ کان مديني ويندي وقت جتي ترسيا هئا اتي مسجدون ٺاهيون ويون، بلڪ جنهن هنڌ به پاڻ ٽڪيا اتي به مسجد ٺاهي وئي. (مدراج النبوة جلد ٢ صفحه ٥٩٥) مسجد نبوي سان لڳولڳ ئي ازواج مطهرات جا حجرا هئا. اهي مقدس جايون اڄ مسجد نبوي ۾ شامل ٿي چڪيون آهن. مسجد نبوي شريف جي اولهه ۾ ڏکڻ اولهه پاسي جتي جتي حضرت صديق اڪبر، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني، حضرت علي، حضرت بلال حبشي رضي الله تعاليٰ عنهم جا گهر هئا اتي اڄ به مسجدون ٺهيل آهن.

جيڪو الله جو ٿي ٿو وڃي اهو الله جي نشاني ٿي وڃي ٿو ۽ جيڪو ان جي دامن سان وابسته ٿئي ٿو اهو به الله جو مذڪور ٿي وڃي ٿو. انهيءَ ڪتي محبوبن جي دامن سان وابسته ٿي اهو سبق سيکاريو جيڪو اسان کي نٿو اچي. الله سائين پنهنجي ڪرم ۾ ٻاجهه سان جانورن کي انسان جو استاد ٺاهيو. جڏهن قابيل پنهنجي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪيو ته دفن ڪرڻ جو طريقو ڪانگ ٻڌايو.[٤٨] قابيل افسوس وچان هٿ مليندي چيو ته "هائي خرابي آءُ انهيءَ ڪانگ جهڙو به ٿي نه سگهيس"[٤٩] اصحاب ڪهف جي ڪتي کي ڏسندي اسين اهيو چونداسين:" افسوس اسين انهيءَ ڪتي جهڙا به ٿي نه سگهياسين".

(٦) نسبتن سان ڏينهن به محترم ٿي وڃن ٿا. رب پاڪ حضرت يحيٰ عليه السلام جي ڄمڻ جي ڏينهن ۾ لاڏاڻي جي ڏينهن جو بطور خاص ذڪر فرمايو آهي[٥٠] اهڙي طرح حضرت عيسيٰ عليه السلام پنهنجي ڄمڻ ۾ لاڏاڻي جي ڏينهن جو انهيءَ وقت ذڪر فرمائي دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو جڏهن پاڻ اڃان ڪير پيئاڪ معصوم ٻار هئا.[٥١]

(٧) اهي ته الله تعاليٰ جي محبوبن جي اچڻ جا ڏينهن هئا، جڏهن ڪا محبوب شيءِ عطا فرمائي وڃي ته انهيءَ شيءِ جي نسبت جي ڪري اهو ڏينهن به محترم ۾ خوشي جو ڏينهن ٿيو وڃي، حضرت عيسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ کان ماني سان ڀريل ٿالهه لاءِ

دعا فرمائي تہ مانيءَ سان پريل ﷺ الهہ عطا ٿيڻ تہ جيئڻ"اسان جي اڳ وارن ۽ پوءِ وارن لاءِ اهو ڏينهن عيد جو ٿي وڃي[٥٢]" حقيقت اها آهي تہ خوشي ۽ غميءَ جا يادگار ڏينهن ملهائڻ، انسان جي فطرت ۾ آهي. انهيءَ ۾ تڪلف ڪي دخل ڪونهي، انهيءَ جو تعلق جذبات ۽ احساسات سان آهي. هر قوم ۾ خوشي ۽ غميءَ جا ڏهاڙا هوندا آهن. ظهور اسلام کان اڳ ماڻهون مناسڪ حج ادا ڪرڻ کان پوءِ پنهنجن ابن ڏاڏن جو ذڪر ڪندا هئا ۽ اهو يادگار ڏينهن ملهائيندا هئا. الله تعاليٰ فرمايو تہ اهڙي طرح الله جو بہ ذڪر ڪريو بلڪ انهي کان بہ وڌيڪ ڪريو (٥٣)

⑧ غور فرمايو تہ بيت الله پهرين حضرت آدم عليه السلام تعمير ڪيو، پوءِ حضرت ابراهيم عليه السلام ٺاهيو[٥٤] اها ان جي نشاني آهي. الله سائين ان کي پنهنجو گهر سڏيو، ادب وارو گهر ٺاهيو[٥٥] ۽ ان جا درجا مٿي کان مٿانهان ٿيندا ويا.

⑨ حضرت ابراهيم عليه السلام جنهن پٿر تي بيهي بيت الله شريف جوڙڻ فرمايو، سندس قدم مبارڪ جي نسبت اهو پٿر ايترو محترم ٿي ويو جو بيت الله جي سامهون رکيو ويو ۽ حڪم ڏنو ويو تہ انهيءَ کي نماز جي جڳهہ ٺاهيو وڃي[٥٦] رب پاڪ انهيءَ کي پنهنجين ڪليل نشانين مان هڪ نشاني قرار ڏنو[٥٧] الله اڪبر! نسبت پٿر کي ڪيترو نہ مٿاهون ڪري ڇڏيو! انهي مان معلوم ٿيو تہ الله جا محبوب ٻانها جنهن هنڌ بيهن ٿا يا ويهن ٿا اها جاءِ مقدس ۽ تبرڪ واري ٿي وڃي ٿي ۽ يادگار ٿيو وڃي.

⑩ صفا ۽ مروه جي جبلن جي وچ ۾ حضرت هاجره عليها السلام ڊوڙي هئي. سندن مبارڪ پيرن جي برڪت سان انهن جبلن جي وچ واري زمين اهڙي برڪت پري ٿي وئي جو بيت الله شريف جو طواف ڪرڻ وارا ان جو بہ طواف ڪرڻ لڳا[٥٨] ۽ ان نسبت جي ڪري الله تعاليٰ بہ ان کي پنهنجيون نشانيون قرار ڏنيون[٥٩] حالانڪ اهي صرف حضرت هاجره عليها السلام جون نشانيون آهن. معلوم ٿيو تہ الله جا محبوب ٻانها جن واٽن تان گذري وڃن

تا ، اهي واٽون ۽ رستا بہ مقدس ۽ متبرڪ ٿي وڃن ٿا .

(١١) منيٰ ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام ڪڪريون هيون. ۽ پاڻ قرباني بہ پيش ڪئي هئائون.[٦٠] سندس نسبت جي ڪري اهي ادائون اهڙيون پياريون معلوم ٿي ويون جو حج لاءِ اچڻ واري هر شخص تي اهو واجب ڪيو ويو تہ ڪڪريون هڻي ۽ قرباني ڪري.

(١٢) قبلي جي ڏس ۾ بہ اهائي نسبت نظر اچي رهي آهي. جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام ڪعبي جا بنياد کڻي رهيو هو تہ نسبت جي انهيءَ راز کي عالم آشڪار ڪري رهيو هو.[٦١] الله تعاليٰ قيد مڪان ۽ قيد زمان کان پاڪ آهي. خود فرمايائين: "اوڀر ۽ اولهہ الله جا آهن"[٦٢] ۽ خود فرمايائين "نہ اهو اولهہ جي طرف آهي نہ اوڀر جي طرف".[٦٣] اهو بہ چيائون تہ "هر ڪنهن لاءِ توجه جي هڪڙي طرف آهي اهو انهيءَ ڏانهن منهن ڪري ٿو."[٦٤] خود فرمايائين "جنهن پاسي منهن ڪندا انهيءَ طرف وجه الله آهي"[٦٥] انهي هوندي بہ فرمايائين تہ "انسان جي عبادت لاءِ پهريون گهر مڪي ۾ ٺاهيو ويو"[٦٦] ۽ انهيءَ گهر کي "انسانن جو مرڪز ٺاهيو ويو"[٦٧] ڇو ٺاهيو ويو؟ ها اهو اچڻ وارو، اچڻ وارو هو. بيت الله کي انهيءَ جو منظور نظر ٿيڻو هو. ڏسڻ واريون اکيون حيران ٿيون ٿين تہ ڪنهن جبلن کي موڙي بيت الله جي طرف ڪري ڇڏيو. اعلان نبوت کان بعد اهوئي قبلو ٿيو. پر سن ١هہ ۾ هجرت کان پوءِ بيت المقدس قبلو قرار ڏنو ويو،[٦٨] مسجد قبا جو اهوئي قبلو ٿيو. تقريبًا ١٧- مهينن بعد نماز ۾ ئي اکيون آسمان جي طرف اٿي ويون. دلين جو حال ڄاڻڻ واري سڃاڻي ورتو تہ محبوب ڇا ٿو چاهي، فورًا ارشاد ٿيو: "اسان ڏسي رهيا آهيون، بار بار تنهنجو آسمان ڏانهن منهن ڪرڻ تہ ضرور اسين توکي ڦيرائي ڇڏينداسين انهيءَ قبلي جي طرف جنهن ۾ تنهنجي خوشي آهي." هينئر ئي پنهنجو منهن ڦيري ڇڏيو مسجد حرام ڏانهن ۽ اي مسلمانو! اوهان جتي بہ هجو پنهنجو منهن انهيءَ طرف ڪري ڇڏيو.[٦٩] الله اڪبر! نگاهہ مصطفيٰ (صلي الله عليه وسلم) بيت الله کي هميشه هميشه لاءِ بيت الله شريف کي سڄي عالم جو قبلو ٺاهي ڇڏيو. انهيءَ قبلي

کي نگاه مصطفيٰ ڏانهن خاص نسبت آهي، تنهن ڪري نہ وسارڻ گهرجي. انهيءَ راز تان قرآن حڪيم پردو کڻندي فرمايو تہ ”۽ اي محبوب! اوهان پهرين جنهن قبلي تي هئا اسان اهو انهيءَ لاءِ مقرر ڪيو هو تہ ڪير رسول جي پيروي ڪري ٿو ۽ ڪير پوئين پيرين ڦري ٿو وڃي.“ الله اڪبر! قبلو بدلي ڪري اهو ڏسڻ گهريو هو تہ ڪنهن جي نظر قبلي تي آهي ۽ ڪنهن جي نظر محمد مصطفيٰ (صلي الله عليه وسلم) تي آهي؟ اهوئي مسلمان ٿيو جنهن محمد مصطفيٰ (صلي الله عليه وسلم) تي نظر رکي، جنهن پاسي پاڻ مهاڙ فرمايائون اوڏانهن انهيءَ بہ پنهنجو منهن ڪيو.

(١٣) نسبتن جي ڳالهہ ڪيستائين ڪئي وڃي! حضور انور صلي الله عليه وسلم جن مسجدحرام، مسجد اقصيٰ ۽ مسجد نبوي شريف جي سفر لاءِ جيڪا اجازت ڏني آهي انهيءَ ۾ بہ نسبتن جا راز لڪل آهن. سڄي زمين مسجد آهي (بخاري شريف جلد ٢ صفحہ٣١٤) جتي ڪٿي نماز پڙهو، پوءِ ٽن مسجدن جو خاص طرف سان ذڪر ڇو ڪيو ويو؟ انهيءَ لاءِ تہ ٽنهي مسجدن کي الله جي محبوبن، الله جي نبين ۽ الله جي رسولن سان نسبت آهي. ٽنهي مسجد جي زمين الله جي محبوبن جا پير چميا آهن، جيڪي محبوب هتي آرام فرمائي رهيا آهن. انهن جي نسبت جي ڪري انهيءَ زمين کي اها عظمت ملي.

(١٤) صحابہ ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم قرآن حڪيم جا رمز شناس هئا ۽ محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جا ادا شناس هئا. اچو تہ انهن کي ڏسون، نسبت جو سبق ڪائڻ سکون.

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه حجر اسود کي چمندي فرمائي رهيو آهي: ”آءٌ رسول الله صلي الله عليه وسلم کي توکي چمندي نہ ڏسان ها تہ توکي هرگز نہ چمان ها.“ انهيءَ لاءِ حجر اسود جو اهو ادب آهي تہ جيڪڏهن انهيءَ سان هٿ ڇهي نہ سگهن تہ تي سگهي تہ پنهنجن ترين کي حجر اسود جي سامهون ڪري پنهنجا هٿ ئي چمي ڇڏجن، اهو نسبت جو ڪمال ادب آهي.

(١٥) حضرت عروه بن مسعود ثقفي رضي الله تعاليٰ عنه جڏهن

پھرين تاجدار دوعالم صلي الله عليه وسلم جي زيارت ڪئي تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ حضور انور صلي الله عليه وسلم جي وضو جي پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ خلقت اچي گڏ ٿي. ڪير منهن تي پيو ملي. ڪير هٿن تي ملي رهيو آهي۽ عجيب ذوق ۽ شوق جو عالم آهي.

(١٦) هڪ ڏهاڙي حضرت بلال حبشي رضي الله تعاليٰ عنه، حضور انور صلي الله عليه وسلم جي وضو جو پاڻي هڪ ٿان ۾ کڻي ٻاهر آيو تہ صحابي سڳورا پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳا، جنهن کي اهو پاڻ ملي ويو انهيءَ پنهنجي منهن مبارڪ تي ملي ڇڏيو. ۽ جنهن کي نہ مليو تہ ٻي صحابيءَ جي هٿن جي آلاڻ ڪي ئي هٿ لاهي منهن تي مکي ڇڏيائين. انهيءَ پاڻي کي سرڪار دو عالم صلي الله عليه وسلم جي چهري انور سان نسبت ٿي وئي تہ اهو ايترو تہ مقدس ٿي ويو جو صحابہ ڪرام رضي الله عنهم پنهنجن پنهنجن منهن مبارڪ تي ملي رهيا هئا. سبحان الله.

(١٧) حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم منيٰ ۾ مٿي مبارڪ جا وار لهرايا. اڌ وارا مبارڪ حضرت ابو طلحہ انصاري رضي الله تعاليٰ عنه کي عطا فرمايا ويا ۽ اڌ ازواج مطهرات ۽ تمام صحابہ رضي الله عنهم ۾ ورهائي ڇڏيا. هرڪنهن کي هڪ يا ٻہ مليا. حضرت خالد بن وليد رضي الله تعاليٰ عنه پيشانيءَ مبارڪ جا وار مبارڪ گهريا، عطا ڪيا ويا. اهي وار مبارڪ برڪت لاءِ پاڻ پنهنجي ٽوپي ۾ رکي ڇڏيائون ۽ انهن جي برڪت سان هر مهم ۾ فتح و نصرت سندس قدم چميا. ازواج مطهرات کي جيڪي وار مبارڪ ڏنا هئا ٿون. ان ما حضرت ام سلمه رضي الله تعاليٰ عنها کي عطا ڪيل وار مبارڪ اڄ بہ روهڙي (سنڌ، پاڪستان) ۾ هڪ عظيم الشان عمارت ۾ محفوظ آهن، جنهن جي ديوار تي وار مبارڪ جي تاريخ لکيل آهي.

(١٨) حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه فرمائين ٿا تہ هڪ شخص پاڻ ڪريمن جي مٿي مبارڪ جا وارا لاهي رهيو هو. صحابہ

(٢٤) هڪ صحابي سردارڪريمن جي چادر شريف انهي ڪري گهري تہ ڪين انهي ۾ ڪفن ڏنو وڃي ۽ ڪين انهيءَ ۾ ٿي ڪفن ڏنو ويو[٨٣]

(٢٥) جنهن کٽ يا صندل تي پاڻ سردار ڪريمن وصال فرمايو انهيءَ صندل تي حضرت صديق اڪبر ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنهما کي وٺي ويا، جڏهين اهو صندل يا تخت پراڻو ٿي ويو تہ انهيءَ جون پراڻيون ڪاٺيون سردار ڪريمن جي نسبت جي ڪري چار هزار درهمن ۾ هديو ڪيون ويون[٨٤]. حضرت معاويه رضي الله تعاليٰ عنه پاڻ سردار ڪريمن جي پراڻي چادر شريف ويهہ هزار درهمن ۾ حاصل ڪئي[٨٥] اهائي چادر شريف بعد ۾ سندن ڪفن ٿي.

(٢٦) شام جي ملڪ مان حضرت بلال حبشي رضي الله تعاليٰ عنه جڏهن مديني شريف ۾ حاضر ٿيا تہ پاڻ سردار ڪريمن جي قبر مبارڪ سان ڀاڪر پائي چنبڙي پيا ۽ زارو زار روئڻ لڳا ۽ ايترو رنا جو منهن مبارڪ مٽيءَ سان ڀرجي ويو[٨٦] مٽي تہ مٽي ٿي آهي پر اها مٽي جڏهن سردار ڪريمن جي نسبت شريف سان انهيءَ قابل ٿي وئي تہ حضرت بلال حبشي رضي الله تعاليٰ عنه جي منهن مبارڪ جو نور ٿي وئي.

(٢٧) حضرت ابن عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي عادت شريف هئي تہ پاڻ منبر شريف تي ٻنهي جهانن جي سردار ڪريمن صلي الله عليه وسلم جي ويهڻ جي جاءِ کي پنهنجي هٿن سان ڇهي هٿ منهن مبارڪ تي ڦيري ڇڏيندا هئا[٨٧]

حضرت امام مالڪ رضي الله تعاليٰ عنه مديني شريف ۾ سواري استعمال نہ ڪندا هئا ۽ فرمايائون. مون کي شرم ٿو اچي تہ جنهن زمين تي ٻنهي جهانن جا سردار ڪريم صلي الله عليه وسلم هليا هجن، تنهن کي پنهنجي جانورن جي سنبن سان لتاڙيان[٨٨]. الله اڪبر! صحابين ۽ تابعين جي دلين ۾ بہ نسبت جو اهيو احترام هو. افسوس اسين ڪٿان کان ڪٿي هليا وياسين.

نسبتون هڪ قسم جو لنگر آهن جنهن سان اسان جي ايمان

۽ يقين جي جهازن کي ٻڏو ويندو آهي. اهي لنگر الله سائين ٺاهيان آهن. انهن لنگرن سان الله پاڪ ٻڌو آهي. گنهگارن، خطاڪارن ۽ سيہ ڪارن کي حضور انور صلي الله عليه وسلم جي در تي جهڪايو آهي[٨٩] پنهنجي ۽ پنهنجي حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي رضا ۽ خوشنودي حاصل ڪرڻ جو اهو طريقو ٻڌايائون تہ سچي زندگي سچن سان گڏ رهو. صاف صاف ٻڌائي ڇڏيائون: "اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ رهو[٩٠]، جيڪي سچا ڪندا رهن توهان بہ ڪندا رهو. پنهنجي دل ۾ وسوسن کي جاءِ نہ ڏيو، سچن جو پلاند قابو ڪري جهليو تاڪ سڌي رستي تي هلندا رهو[٩١] جنهن پلاند ڇڏي ڏنو، ڀلجي ويو، اها ڳالهہ سچي آهي ۽ الله جي ڳالهہ کان سواءِ ٻي ڪنهن جي ڳالهہ سچي تي سگهي ٿي؟[٩٢]" جيڪڏهن الله جي محبوبن سان نسبت آهي تہ هر انهيءَ شيءِ ۽ هر انهيءَ عمل سان محبت ٿيندي جنهن سان محبوب کي نسبت آهي. جڏهين انصار مال و دولت جمع ڪري حضور انور صلي الله عليه وسلم جي ذاتي گهرجن لاءِ پيش ڪرڻ چاهيو تہ پاڻ ڪريمن اهو مال و دولت واپس ڪندي فرمايو: "آءٌ انهيءَ (تبليغ رسالت ۽ ارشاد وهدايت) جي توهان کان ڪابہ اجرت نٿو وٺان پر قرابت جي محبت.[٩٣] يعني جنهن کي مون سان نسبت هجي انهيءَ جي محبت. غور فرمائيندا تہ حضور انور صلي الله عليه وسلم جا اسان تي ڪيترا نہ احسان آهن، ڇا انهن احسانات جي اها گهرج ڪونهي تہ اسين پاڻ سردار ڪريمن صلي الله عليه وسلم سان ۽ هر انهيءَ شيءِ سان محبت ڪريون جنهن سان ڪين نسبت هجي. الله تبارڪ وتعاليٰ اسان سڀني کي صحابہ ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم جي نقش قدم تي هلائي ۽ اسلام جي دشمنن جي مڪاري ۽ ٺڳي کان بچائي ۽ هر مسلمان کي اهي روشن اکيون، سمجهہ ڀريو عقل عطا فرمائي تہ اهي ٻرندڙ ڏيئن کي نہ وسائين پر وسامندڙ ڏيئن کي وري روشن ڪن. گهپ اونداهي ۾ روشني ٿئي ۽ روشني اجان بہ وڌيڪ نور وانگر چمڪي.

# حوالاجات

الف سورة بقره: ١٢٥ "بيان الرحمٰن في ترجمة القرآن" قرآن پاڪ جو سنڌي ۾ تفسيري ترجمو از علامه عبدالوحيد جان سرهندي

١ سورة مائده: ١٢ مائده: ٩٢ سورة انفال: ٢٠

٢ سورة نور: ٥٦،٥٢ سورة فتح: ٩ سورة مجادلہ: ١٣ سورة اعراف: ١٥٧
سورة تغابن: ١٢

٣ سورة فاتحہ: ٦،٥ سورة يونس: ٦٢

٤ سورة اسراءَ: ٢٤

٥ سورة بلد: ٣،١

٦ سورة عاديات: ٥،١

١ اپيل شيخ محمد ابراهيم (قاهره مصر)
نالي ملڪ فهد بن عبدالعزيز
خادم حرمين شريفين ترجمون اردو ۾ ٽيل محمد عبدالڪريم شرف قادري مطبوعہ فيض الرسول، براٿون شريف، شمارو مارچ، اپريل سنہ١٩٩٤ع صفحو نمبر ٢٥

٧ صحيح الباري: جلد ٢ ص٩٥٨

٨ سورة توبه: ٨٤

٩ سورة توبه: ١٠٣

١٠ ابو دائود شريف، صحيح الباري باب زيارت روضة نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم ج٢ ص٩٥٥، ٥٧

١١ سورة حج: ٧ سورة فاطر: ٢٢ سورة ممتحنہ: ١٣
سورة انفطار: ٤ سورة تڪاثر: ٢

١٢ سيرت النبي: جلد ١ ص٥٢٧،٥٢٨

١٣ سورة توبه: ١٠٧، ١٠٨ سورة النساء: ٢٦

١٤ سورة انعام: ١٥١

١٥ سورة آل عمران: ٣١

١٦ سورة بقره: ٣٤

١٧ سورة اسراء: ٢٤

١٨ سورة نساء: ٥٩

١٩ سورة بقره: ١٨٥

۷۱ صحیح الباري جلد۲ بحوالہ بخاري شریف
۷۲ (الف) سورۃ اسراء: ۱
(ب) بخاري شریف لاهور جلد ۲ صفحہ۳۱۴
۷۳ بخاري شریف جلد ۱ ص۶۳۱ ص۶۳۴
۷۴ شبلي نعماني: سیرت النبي، مطبوعہ اعظم گڑھ سن۱۲۳۹ھ / سن۱۹۸۸ع جلد۱ ص۴۱۵
۷۵ بخاري شریف، مسلم شریف، مشکواۃ شریف ص۴۷
۷۶ (الف) حجۃ اللہ علي العالمین ص۶۸۶ بحوالہ مستدرک
(ب) معارج النبوۃ، لاهور سن۱۹۹۱ع جلد ۳ ص۴۷۰
۷۷ مسلم شریف جلد ۲ ص۲۵۶
۷۸ بخاري شریف جلد ۱ ص۲۹
۸۹ مرقاۃ شرح مشکواۃ جلد ۵ ص۶۳۸
۸۰ شفاء شریف: جلد ۲ ص۴۴
۸۱ بخاري شریف: جلد۲ ص۸۴۲
۸۲ بخاري شریف: جلد۲ ص۸۴۲
۸۳ بخاري شریف: جلد۱۳ ص۸۶۵
۸۴ ابن عماد جلد ۲ ص۳۸۲
۸۵ سیرت رسول عربي ص۶۸
۸۶ صحیح بخاري جلد۲ ص۹۵۸ بحوالہ ابن عساکر
۸۷ شفاء شریف: جلد۲ ص۴۴
۸۸ شفاء شریف: جلد۲ ص۴۴
۸۹ سورۃ نساء: ۶۴
۹۰ سورۃ توبہ: ۱۱۹
۹۱ سورۃ فاتحہ
۹۲ سورۃ نساء: ۸۷، ۱۱۸
۹۳ سورۃ شوریٰ: ۲۳